# سِنڌي پَھريون ڪِتابُ

## پَھرئين ڪِلاس لاءِ

آزمائشي اشاعت



سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو تيار ڪرايل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر NO: SO (G-III) SELD/3-910/18, Dated: 30.01.2020 موجب سنڌ صوبي جي سڀني پرائمري اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو ڇڪاسيل.

## قومي ترانو

پاڪ سرزمين شاد باد ڪِشورِ حَسِين شاد باد
تو نشانِ عزمِ عالي شان اَرضِ پــاڪـستان
مرڪزِ يقين شاد باد

پاڪ سرزمين ڪا نظام قوّتِ اُخُوّتِ عــوام
قوم، مُلڪ، سلطنت پــائنده تــابِنده باد
شاد باد منزلِ مُراد

پـرچـمِ ستاره و هلال رهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال جــانِ اِستــقــبــال
سايۀِ خدائي ذوالجلال



| سلسليوار نمبر | | | |
|---|---|---|---|
| ڇپجڻ جو مهينو ۽ سال | ڇاپو | تعداد | قيمت |
| | | | مفت |

آزمائشي اشاعت

# سِنڌي پَهريون ڪِتابُ

## پَهرئين ڪلاس لاءِ

شهيد بينظير ڀٽو
SHAHEED BENAZIR BHUTTO
FREE TEXTBOOK SERIES
مفت نصابي ڪتابن جي ورهاست جو سلسلو



سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

ڇپيندڙ:

مفت ورهاست لاءِ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو تيار ڪرايل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري
ڪاتي جي مراسلي نمبر NO: SO (G-III) SELD/3-910/18, Dated: 30.01.2020 موجب سنڌ
صوبي جي سڀني پرائمري اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو چڪاسيل.

نگران اعليٰ: **آغا سهيل احمد**
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران:
- ڊاڪٽر نصرت پروين سهتو
(ڊائريڪٽر اڪيڊمڪس، ريسرچ اينڊ ٽريننگس)
- اويس ڀٽو
- جمشيد احمد جوٽيجو

ليکڪ: انور علي زنگيجو- سيد شير شاهه - سيد امداد حسيني
غلام رسول چنا، نياز محمد شيخ- فيض محمد شاهاڻي،
فهميده چنا- اياز احمد ڀٽو - ذڪيه شاهه-اويس ڀٽو

صوبائي جائزه ڪاميٽي:
ڊاڪٽر غلام علي الانا - ڊاڪٽر محمد علي مانجهي- ڊاڪٽر الطاف جوکيو
عزيزالله ڀنهور- دلشاد احمد ڏيتو- تحسين ڪوثر انصاري - ناهيد شاهه،
اويس ڀٽو - محمد ادريس جتوئي

السٽريشن ۽ لي آئوٽ: ساجده يوسف

ڪمپوزنگ ۽ پيج ميڪنگ: نورمحمد سميجو - واحد بخش سولنگي

هي ڪتاب ........................................... پريس ................ ۾ ڇپيو.

مفت ورهاست لاءِ

# فهرست


| سبق | عنوان | صفحو نمبر |
| --- | --- | --- |
| ١ | گيت ڏٺيءَ جا ڳنڍجي ڳايون ........ (حمد) | ۵ |
| ٢ | الله سائين | ٨ |
| ٣ | اسان جو نَبِي سڳورو صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ وَآلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم | ١١ |
| ۴ | پيارو نَبِي صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ وَآلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم اسان جو ........ (نعت) | ١۴ |
| ۵ | اسان جو وطن | ١٦ |
| ٦ | واهه ڙي تارا ........ (بيت) | ٢٠ |
| ٧ | اسان جو ڪُٽنب | ٢٢ |
| ٨ | لِڪ لڪوٽي | ٢۵ |
| ٩ | ڄَهندو ........ (بيت) | ٢٧ |
| ١٠ | اسان جو ڳوٺ | ٢٩ |
| ١١ | اَنب | ٣۴ |
| ١٢ | آواز | ٣٧ |
| ١٣ | فاطمه جِناح | ۴٠ |
| ١۴ | سُٺيون ڳالهيون | ۴٢ |
| ١۵ | جو ڪير پئي ........ (بيت) | ۴۵ |
| ١٦ | هي ڇا آهن؟ | ۴٧ |
| ١٧ | خُوبصورت نظارو | ۵٠ |
| ١٨ | هڪٻئي جي مدد ڪرڻ | ۵٢ |
| ١٩ | سچ ڳالهاءِ ........ (بيت) | ۵۴ |
| ٢٠ | اچو ته وڻ پوکيون | ۵٦ |
| ٢١ | ڀلا ٻڌاءِ ته ڇاهي؟ | ٦٠ |
| ٢٢ | جاندار شيون | ٦٣ |
| ٢٣ | پوپٽ ........ (بيت) | ٦٦ |
| ٢۴ | ٽرئفڪ جا اصول | ٦٩ |
| ٢۵ | شينهن ۽ ڪُـئـو (تصويري آکاڻي) | ٧٢ |
| ٢٦ | دعا ........ (بيت) | ٧۴ |
| ٢٧ | نوان لفظ | ٧۵ |


★ ★ ★ ★ ★

مفت ورهاست لاءِ

# پ اکر

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ هڪ اهڙو تعليمي ادارو آهي، جنهن جو ڪم درسي ڪتابن جي تياري ۽ اشاعت ڪرڻ آهي. اُن جو اهم مقصد اهڙن درسي ڪتابن جي تياري ۽ فراهمي آهي، جيڪي نئين نسل ڪي علم ۽ شعور ڏيڻ سان گڏوگڏ منجهن اهڙي صلاحيت پيدا ڪن، جن جي ذريعي اهي اسلام جي آفاقي نظرين، ياپيءَ، بزرگن جي ڪارنامن، پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ روايت جي حفاظت ڪندي، نئين دور جي سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ سماجي تقاضائن کي پورو ڪري ڪامياب زندگي گذاري سگهن.

هن اعليٰ مقصد کي پورو ڪرڻ خاطر اهل علم، ماهرن، استاد صاحبن ۽ مخلص دوستن جي هڪ ٽيم ڪند ڪڙڇ کان حاصل ٿيندڙ معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪتابن جي درستيءَ جي معيار، جائزي ۽ انهن جي سُڌاري جي عمل ۾ اسان سان گڏ لڳاتار مصروف آهي.

اسان جا ماهر ۽ اشاعتي عملو اُن صورت ۾ ئي گهربل مقصدن ۾ ڪامياب ٿيندو، جڏهن انهن ڪتابن مان استاد صاحب، شاگرد ۽ شاگردياڻيون پورو پورو لاڀ پرائين. ان لاءِ سندن تجويزون ۽ رايا انهن ڪتابن کي بهتر بنائڻ ۾ ڪارآمد ٿيندا.

**چيئرمين**

**سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ**

مفت ورهاست لاءِ



## سکيا جي حاصلات

- حمد بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- حمد سُر ۽ لئہ سان پڙهي سگهي.
- لفظن جي واحد صورتن مان جمع صورتون ٺاهي سگهي.
- لفظن ۾ اکرن جي آوازن کي درست طريقي سان ادا ڪري سگهي.
- الف- ب جي اکرن کي ملائي، پَدَ ۽ پدن کي ملائي لفظن کي درست اعرابن، (زبر، زير ۽ پيش) سان پڙهي ۽ لکي سگهي.
- بي ترتيب اکرن کي درست ترتيب ڏئي پڙهي سگهي.
- روز مره جون شيون ڏسي ڪجهہ جملن ۾ تعارف ڪرائي سگهي.
- ساڄي کان کاٻي طرف آڳر رکي پڙهي سگهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## سَبَقُ پهريون

# ڳِيتَ ڏٽِيءَ جا ڳَڏجي ڳايُون

ڳِيتَ ڏٽِيءَ جا ڳَڏجي ڳايُون!
جو تو تَڏِڙا مِينهَن وَسائي،
باغَن ۾ جو اَنبَ پَچائي،
ويسَ گُلَن کي جو پَهرائي،
اَن پَچائي، گاهَ اُپائي،
عَرشَ ۾ جو تارا ٽِمڪائي،
تَنهِن مالِڪَ کي سَڀُ ساراهيون،
ڳِيتَ ڏٽيءَ جا ڳَڏجي ڳايُون!

– ڪشنچند ’بيوس‘

استادلاءِ هدايت:
- ٻارن کي ٻڌايو تہ الله سائينءَ جي ساراهہ ۾ چيل بيت کي (حمد) چئبو آهي.
- ٻارن کي بيت سُر ۽ لئہ سان پڙهي ٻڌائي ۽ ياد ڪرائي.

# مشق

١- پڙهو ۽ ورجايو:

گيتُ - گِيتَ　　اَنبُ - اَنبَ　　ويسُ - ويسَ

گُلُ - گُلَ　　عَرشُ - عَرشَ

٢- جوڙن جي صورت ۾ هڪبئي کي ٻڌايو تہ هن نظم ۾ ڪهڙين ڪهڙين شين جو ذڪر ٿيل آهي.

٣- گهر کان اسڪول ايندي، توهان کي ڪهڙيون شيون نظر اينديون آهن. انهن بابت پنهنجي ساٿيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. مثال: گاڏيون، دُڪان، پاڙي جا گهر، جانور وغيره.

٤- اکر ملائي لفظ ناهيو جِيئن: م - ا - ل - ڪ = مالڪ

| | | | |
|---|---|---|---|
| ت - ا - ر - ا | | ڏ - ڻ - ي | |
| ب - ا - غ - ن | | گ - ا - ھ | |

٥- مثال موجب مڪمل ڪريو ۽ اکر جو آواز ادا ڪريو:

اَکر　آوازَ

مثال: بَدَڪَ = ب د ڪ ، ب/ءَ / د/ءَ / ڪ

- ڪَڪَرُ = ، / /
- جَبَلُ = ، / /
- گجَرَ = ، / /


٦- هيٺ ڏنل اکرن کي ترتيب سان لکو:

ا - ٻ - ت - ٿ - ب - ٽ - ث - پ

ٺ - ٿ - ج - ڄ - چ - ڇ - ح - خ

٧- حمد سُر ۾ لئہ سان گڏجي پڙهو.

٨- سُجاڻو ۽ ٻُڌايو:




سَبَقُ ٻيو

# الله سائين

### سکيا جي حاصلات

- الله سائينءَ جي نعمتن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اچار سان پڙهي سگهي.
- سادن لفظن کي جوڙي ۽ ٽوڙي لکي سگهي.
- اکر ملائي لفظ ٺاهي سگهي.
- تصويرون سجاڻي نالا ٻڌائي سگهي.
- ڪتاب جي سر ورق ۽ پس ورق جو فرق ٻڌائي سگهي.
- ’آهي‘ ۽ ’هو‘ جو فرق ڄاڻي سگهي.



الله هڪ آهي. اسان کي الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي. هُو هرهنڌ حاضر آهي. زمين ۽ آسمان بہ اُن جوڙيا آهن. سج چنڊ ۽ تارا بہ هُن پيدا ڪيا آهن.

هُو اسان کي روزي رسائي ٿو. ڏاڍو سڳورو مهربان ۽ ٻاجهارو آهي. هواءِ پاڻي ۽ روشني هُن پيدا ڪيا آهن.

اسين هُن جي عبادت ڪريون ٿا. اسين اُن کان ئي مدد گُهرون ٿا.

# مشق

## ١- ٻُڌايو تہ:

(الف) هوا، پاڻي ۽ روشني ڪنهن پيدا ڪئي آهي؟

(ب) اسان کي روزي ڪير رسائي ٿو؟

## ٢- پَڙهو ۽ لِکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| مدد | | تارا | |
| آسمان | | هَوا | |
| سِجُ | | پاڻِي | |

## ٣- اَکَرَ مِلائي لَفَظَ ناهِيو: جِيئن:

روشـ ـنـ ـي = روشني

| | | | |
|---|---|---|---|
| سـ ـائـ ـيـ ـن | | ٻـ ـاجـهـ ـا ر و | |
| مـ ـهـ ـرـ ـبـ ـا ن | | سـ ـڳـ ـو ر و | |

## ٤- مناسب لفظ چونڊي جملا مڪمل ڪريو:


(الف) اڄ سومر __________ (آهي، هو)


(ب) ڪالهہ آچر __________ (آهي، هو)

### ٥- سرگرمي:

- درسي ڪتاب جي شروعات ۾ ڪتاب جو نالو لکيل هوندو آهي، ان ۾ مختلف تصويرون ڏنل هونديون آهن. ان کي ڪتاب جو ’سر ورق‘ چيو ويندو آهي. ڪتاب جي آخر ۾ قومي ترانو لکيل هوندو آهي، ان کي ڪتاب جو ’پس ورق‘ چيو ويندو آهي.
- ڪتاب جو سر ورق ۽ پس ورق ڏسو ۽ ٻڌايو تہ:
- سر ورق جي تصوير ۾ ڇا نظر اچي ٿو؟
- پس ورق تي ڇا نظر اچي ٿو؟

## ٦- تَصويرون سُڃاڻي نالا ٻُڌايو:










### سکيا جي حاصلات

- پياري نبي سڳوري صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- متن ٻڌي يا پڙهي ان جو مقصد سمجهي مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- لفظن جي واحد صورتن مان جمع صورتون ٺاهي سگهي.
- هڪ ڪان ڏهن تائين ڳڻپ جا انگ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي سگهي.
- الف- ب جي اکرن کي ملائي، پَدَ ۽ پدن کي ملائي لفظن کي درست اعرابن، (زبر، زير ۽ پيش) سان پڙهي ۽ لکي سگهي.
- لفظن جا شروعاتي، وچيان يا آخري اکر بدلائي نوان لفظ ٺاهي لکي سگهي.

## سَبَقُ ٽيون

# اَسان جو نَبي سڳورو

## صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم



اسان جي نِبي سڳوري جو نالو حضرت محمّد رسول الله خَاتَمُ النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم (ترجمو: حضرت محمد، الله تَعَاليٰ جو رسول آهي ۽ الله تعاليٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن (صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَسَلَّم ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڳورن رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعاليٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي) آهي. پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم الله سائينءَ جا آخري نِبي آهن. پاڻ صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم مڪي شريف ۾ ڄاوا. سَندن والد جو نالو حَضرت عَبدالله ۽ اَمڙ جو نالو حضرت بيبي آمِنه آهي.

پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم ننڍي هوندي کان ئي سُلڇڻا، سَچار ۽ ايماندار هُئا. الله سائينءَ مٿن قرآن شريف لاٿو. قُرآن شريف الله سائينءَ جو آخري ڪتاب آهي.

پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ:

الله هڪ آهي.
نماز پڙهو.
ماءُ پيءُ جو چيو مڃو.
وڏن جو ادب ڪريو.
ننڍن سان پيار ڪريو.
پاڙي وارن سان سُٺا هلو.
علم پرايو ۽ سچ ڳالهايو.

# مشق

## ١- ٻُڌايو تہ:

(الف) پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو نالو ڇا آهي؟

(ب) پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪٿي ڄاوا؟

(ج) پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي والد جو نالو ٻڌايو؟

(د) پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اَمڙِ جو نالو ٻُڌايو؟

## ٢- پَڙهو ۽ لِکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| نَبي | | قُرآن | |
| سُلڇڻا | | سَچار | |
| عِلمُ | | آخِري | |

## ٣- نوان لفظ ناهيو:

جِيئن: وڏو = وڏا

| | | | |
|---|---|---|---|
| ميوو | | گهوڙو | |
| نالو | | سُنو | |
| ادو | | سچو | |

## ٤- اکرن کي جوڙي لفظ ناهيو:

جيئن: ن-ا-ل-و= نالو

| | | | |
|---|---|---|---|
| س-گ-و-ر-ا | | ف-ر-م-ا-ي-و | |
| ڪ-ت-ا-ب | | ش-ر-ي-ف | |

## ٥۔ هيٺ ڏنل لفظن جا شروعاتي اکر بدلائي نوان لفظ ٺاهيو:

جيئن: سچ - اَ+چُ = اَچُ

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڄاوا | | علم | |

## ٦- انگن کي مناسب لفظن سان ملايو:

| لفظ | انگ |
|---|---|
| هڪ | ٣ |
| ٻہ | ٧ |
| ٽي | ٤ |
| چار | ١٠ |
| پنج | ٩ |
| ڇهہ | ١ |
| ست | ٢ |
| اٺ | ٥ |
| نوَ | ٨ |
| ڏهہ | ٦ |

سَبَقُ چوٿون



سکيا جي حاصلات

- نعت سُر ۽ لئہ سان پڙهي سگهي.
- اکر، لفظ ۽ سادا جملا لکي سگهي.
- شعر يا نظم کي درست اُچار سان تحت اللفظ پڙهي سگهي.

# پيارو نَبِي صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم اَسان جو (نعت)

سُهڻو نَبِيﷺ اَسان جو،
پيارو نَبِيﷺ اَسان جو.

آيو نہ اَهڙو اِيندو،
نيارو نَبِيﷺ اَسان جو.

حاڪِم حَڪِيم آهي،
ٻارو نَبِيﷺ اَسان جو.

ٻارن سان پيار جنهن جو،
پيارو نَبِيﷺ اَسان جو.

- غلام محمد ’غازي‘



استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي نعت سُر ۽ لئہ سان پڙهائي ۽ ياد ڪرائي.

# مشق

## ١- ياد رکو تہ:


* حضرت محمّد رسول اللہ خَاتَمِالنَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَلىٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم اسان جو آخري نبي آهي.
* پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم ٻارن سان پيار ڪندا هئا.

## ٢- پڙهو ۽ سُٺن اکرن ۾ لکو:

سهڻو - پيارو - نبي - حاڪم - حڪيم

## ٣- هيءَ نعت سُر ۽ لئہ سان ڳائي ٻُڌايو:

## ٤- تصوِير ۾ رَنگ ڀَريو:



## سکيا جي حاصلات

- پنهنجي وطن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- ساڄي کان کاٻي طرف اکر رکي پڙهي سگهي.
- متن ٻڌي يا پڙهي ان جو مقصد سمجهي مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ’آهي‘، ’آهيان‘، ’آهيون‘، ’آهن‘ ۾ فرق ڄاڻي سگهي.
- هڪ منٽ ۾ 15 کان 30 لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.

## سَبَقُ پنجون

# اَسان جو وَطن



اَسان جو وَطن پاڪستان آهي. پاڪستان قائد اعظم مُحمد علي جناح رحمة الله عليه ٺاهيو.

اسان جي ملڪ ۾ وَڏا وَڏا جَبلَ، ٻيلا ۽ ميدانَ آهن. اُن ۾ سَمنڊ، درياهَ ۽ ڍَنڍُون بہ آهن. سنڌو درياهُ



پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياهُ آهي. هتي جي زَمين ڏاڍي ڀَلِي آهي. اُن ۾ اَناج، ڀاڄيون ۽ ميوا ٿيندا آهن. پاڪستان ۾ ڪَنڊُ، ڪپڙي، لوهہ، دوائن ۽ ٻين شَين جا ڪارخانا آهن.









استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي وطن سان پيار، قومي جهنڊي جي عزت ۽ گڏجي رهڻ جي اهميت بابت واقفيت ڏني وڃي.







اَسان جي مُلڪَ جو هڪ قومي جَهنڊو آهي. اُن جو رنگ سائو ۽ اَڇو آهي. جَهنڊي جي وچ ۾ چَنڊُ ۽ تارو آهي. اَسين اُن جي عزت ڪريون ٿا. پاڪستان ۾ سِنڌي، پَنجابي، بَلوچَ ۽ پٺاڻَ رهن ٿا. اَسين سڀ پاڪستاني پاڻ ۾ ڀائرن وانگر گڏجي رهندا آهيون.

اَسان کي پنهنجي وطن سان پيار آهي. الله سائين، اَسان جي وَطنَ کي سَدائِين آباد رکي! آمين.

# مشق

## ١- ٻُڌايو تہ:

(الف) اَسان جي وَطنَ جو نالو ڇا آهي؟

(ب) پاڪستان ڪنهن ٺاهيو؟

(ج) پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياهُ ڪهڙو آهي؟

(د) اسان کي پنهنجي وطن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

## ٢- هيٺيان خال ڀريو:

* اسان کي پَنهِنجي وَطنَ سان ________ آهي.
* قومي جهنڊي جو رنگ اڇو ۽ ________ آهي.
* پاڪستاني جهنڊي ۾ ________ ۽ تارو آهي.

## ٣- مناسب لفظ لڳائي جملا مڪمل ڪريو:

* هيءُ ملڪ اسان جو ________. (آهي، آهيان، آهيون، آهن)
* اسان سڀ پاڪستاني ________. (آهي، آهيان، آهيون، آهن)
* سنڌ ۾ ڪُل اوڻٽيهہ ضلعا ______. (آهي، آهيان، آهيون، آهن)
* آءٌ اسڪول ۾ پڙهندو ________. (آهي، آهيان، آهيون، آهن)


## ٤- هيٺ ڏنل لفظ بُلند آواز ۾ پڙهو ۽ ورجايو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| سمنڊ | وڏا | درياهہ | ميدان |
| ٻاڃيون | ميوا | اَناج | ڪارخانا |
| پاڪستان | وطن | جهنڊو | ڍنڍيون |

## ٥- هيٺ ڏنل لفظ هڪ منٽ ۾ درست اُچار ۽ رواني؛ سان پڙهو:

ٻارُ - تارا - هوا - پاٽي - هَنڌ - پاڙو - اَسان - گهر - گيت - انب
ويس - چَنڊُ - رنگُ - وَڏا - ڪَنڌُ - لوهُ - اَڇو - سَچو - سُٺو - سائو
باغُ - گاهُ - عَرش - مُلڪ - مَدَد - عِزت - وطن - عِلم - پيارو - ادب

## ٦- ٽُٻڪا ملائي تصوير ناهيو:



**استاد لاءِ هدايت:** استادسرگرمي نمبر ٥ ۾ ٻارن ڪي لفظن جو چارٽ پڙهڻ لاءِ چئي ۽ ڏسي تہ ٻارن هڪ مِنٽ ۾ ڪيترا لفظ دُرست پڙهيا آهن.

## سکيا جي حاصلات

- شعر يا نظم کي درست اچار سان تحت اللفظ پڑھي سگھي.
- شعر يا نظم پڑھي ڪردارن ۽ شين جا نالا ٻڌائي سگھي.
- پنهنجي پسند جو شعر يا نظم پڑھي ٻڌائي سگھي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڑھي ۽ لکي سگھي.
- تصويرون ڏسِي ان ۾ موجود شين جا نالا لکي سگھي.

## سَبَقُ ڇهون



# واهہَ ڙي تارا (بيت)

واهہَ ڙي تارا گول تارا،
روشن تارا چِلڪي وارا.

سانجهي ٿاٽي نِڪرو ٿا،
اُيَ سَجي ۾ پَڪڙو ٿا.

چِلڪو چمڪو سارِي رات،
ڪَجي اَوهان جِي ڪَهڙِي بات.

رات لنگهي يا باقي چا،
اوهين بَتايو واٿ اِها.

جوتِ اَوهان جِي جي نہ هُجي،
واٿَهڙُو ڪَرَ واٿ مُنجهي.

- پيرو مل 'غريب'

**استاد لاءِ هدايت:** استاد نظم پڑھڻ کان پهرين ٻارن جي ذهني آمادگيءَ لاءِ تصويرون ۽ عنوان ڏيکاري ڪانئن ڪجھ سوال پڇي. نظم پڑھڻ دوران بہ سوال ڪري ۽ نظم پڑھڻ کان پوءِ بہ ڪجھ سوال پڇي.

# مشق

## ١- ٻڌايو ته:

(الف) اوهان کي هن بيت جون ڪهڙيون سٽون وڻن ٿيون ۽ ڇو؟

(ب) آسمان ۾ تارا ڪهڙي وقت نڪرندا آهن؟


## ٢- نوان لَفَظَ ناهيو: جِيئن: تارا = تارو

| | | | |
|---|---|---|---|
| گهوڙا | | جهنڊا | |
| طوطا | | ڪَپڙا | |

## ٣- هيٺ ڏنل تصوير ۾ اوهان کي ڪهڙيون شيون نظر اچن ٿيون، تن جا نالا لکو:



## ٤- ٽُبڪا مِلائي تَصوير جو نالو ٻُڌايو:



استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي سرگرمي نمبر ٣ ۾ ڏنل تصوير ۾ موجود شين کي سڃاڻڻ ۾ مدد ڪرائي.

سَبَقُ ستون

# اَسان جو ڪُٽنبُ

**سکيا جي حاصلات**

- متن پڙهي ان جو مقصد سمجهي مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- جو، جا، جي ڪي ڄاڻي سگهي.
- هم آواز لفظ سڃاڻي سگهي.
- سلام ڪرڻ، مهرباني چوڻ ۽ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جهڙين ڳالهين تي عمل ڪري سگهي.
- پنهنجي گهر بابت ٽن کان پنج سادا ۽ مربوط جملا لکي سگهي.



اَسان جي ڪُٽنب ۾ ڇهه ڀاتي آهِن. آءٌ نُوري آهِيان. سَڀِڻُ مُنهِنجو ڀاءُ آهي. اَسين سَويرَ اُٿندا آهِيون. ڏَندڻُ ڏَئي، هَٿ مُنهن ڌوئيندا آهيون. ڏٽي سَڀِگوري جي عِبادَت ڪَندا آهِيون. نيرَنِ ۾ ماني، مکڻ، بيضو، اُڦراٽو کائي، لَسي يا کير پِي اسڪُول وِيندا آهِيون. مَنجهند جو گهر موٽي اِيندا آهيون. وڏن کي سلام ڪندا آهيون. مانِي کائي، آرام ڪَندا آهِيُون.

شام جو گڏِجي راند کيڏندا آهيُون. پوءِ پَڙهندا آهيُون. اَمان ۽ بابا ٻـ پَڙهڻ لِکڻ ۾ اَسان جِي مَدَد ڪَندا آهِن. اَسين پڻ گهَر جي ڪَم ۾ سَندن مَدَد ڪَندا آهيُون.

اسين ٻاهران آندَلَ ميوا ڌوئِي کائيندا آهيون. پنهنجي هٿن ۽ پيرن جا نَنهن لاهيندا آهيون. گَندُ ڪچرو، ڪچري جي دَٻي ۾ اُڇلائيندا آهيون. گهَرَ جي صَفائي ڪرڻ ۾ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي مَددَ ڪندا آهيون.

ڏاڏو ۽ ڏاڏِي بہ اَسان سان پِيارُ ڪَندا آهِن. ڏاڏِي رات جو سُنيون ۽ ڪِل يوڳَ واريُون آڪاڙِيُون ٻُڌائِيندِي آهي. اَسِين سَڀ پاڻ ۾ پيارَ ۽ محبتَ سان رَهُون ٿا.

## مشق

۱- زباني جواب ڏيو:

(الف) توهان ڪهڙيون ڪهڙيون رانديون کيڏندا آهيو؟

(ب) گند ڪچرو ڪِٿي اُڇلائڻ گهرجي؟

(ج) سنيون عادتون ڪهڙيون آهن؟

۲- پنهنجي ڪُٽنب جو تعارف ڪرايو.

۳- هيٺ ڏنل تصويرن مان اوهان کي ڪهڙا ميوا پسند آهن، انهن جا نالا لکو:



۴-سبق ۾ ’م‘ سان شروع ٿيندڙ چار لفظ ڳولي لکو: جيئن: مَدَدَ.

۵- مناسب لفظ چُوندي جملا مڪمل ڪريو:

- ✶ هيءُ اسان ______ ڳوٺ آهي. (جو، جا، جي)
- ✶ اَمان ۽ بابا بہ پڙهڻ لِکڻ ۾ اَسان ______ مَدَدَ ڪَندا آهِن. (جو، جا، جي)
- ✶ اسان منجهند ______ گهر موٽي اِيندا آهِيون. (جو، جا، جي)
- ✶ اسان ______ گهر ڳوٺ ۾ آهن. (جو، جا، جي)
- ✶ اسان ______ ڳوٺ ۾ ڇوڪرين لاءِ بہ اسڪول آهي. (جو، جا، جي)

## ٦- ليڪ ذريعي هم آواز لفظ هڪٻئي سان ملايو:

| | |
|---|---|
| آهي | ذاتِ |
| اڄ | ڏوئِي |
| ڏوئِي | ناهي |
| راتِ | ناني |
| ماني | سچ |

## ٧- هيٺ ڏنل تصويرون ڏسي، ڀاڄين جا نالا ٻڌايو:



## ٨۔ ليڪ ذريعي مناسب لفظ ملايو:

| | |
|---|---|
| ڀيءُ | ڀيڻ |
| ڏاڏو | چاچي |
| چاچو | ڏاڏي |
| پاءُ | ماءُ |

## ٩۔ ياد رَکو تہ:

* گڏجي ڪم ڪجي.
* هڪٻئي جي مدد ڪجي.
* گڏجي راند روند ڪجي.
* ماءُ پيءُ جو چيو مڃجي.
* پاڻ ۾ پيارءِ محبت سان رهجي.
* پاڻي صاف سُٿرو پيئجي.
* روزانو صبح ۽ رات جو ڏندڻ ڪجي.
* روزانو نِيرن ضرور ڪجي.


استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي استاد ڀين رشتن جي ڄاڻ ڏئي.

**سَبَقُ اٺون**

**سکيا جي حاصلات**

- سبق کي درست اُچارن سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيک پدن وارا لفظ لکي سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.
- تصوير ڏسي ان ۾ موجود شين جا نالا لکي سگهي.

# لِڪَ لِڪوٽِي



اَچو تہ لِڪَ لِڪوٽِي راندِ کَرِيُون

سَليمَ، تون هِٽِ بِيهُ.

هيءُ پِڙُ آهي.

هِن ڪپڙي سان پَنهنجُون اکيون ٻَڌُ.

اَسين سَڀ وَڃي ٿا لِڪُون.

تُون اَسان کي ڳولِ.

اَسلَمَ تُون ڪُوڪَ ڪَر.

اِجهو هُو اَسان کي پِيو ڳولي.

اَحمد کاڀي پِيو!

چڱو اَحمد، هاڻي تُون

اکِيُون ٻُوٽِ.

هاڻي تون آڳَ ڏي.

## مشق

١- ٻڌايو تہ:

(الف) توهان کي ڪهڙي راند پسند آهي؟

(ب) لِڪ لڪوٽي راند ڪيئن کيڏبي آهي؟

(ج) توهان کي ٻين ڪهڙين راندين بابت خبر آهي؟ تن جا نالا لکو.

٢- اکر ملائي لفظ ٺاهيو:

ر ا نـ د ـ ڪ پـ ڙ ي ـ بـ ـيـ ھ

٣- پڙهو ۽ لکو:

لڪ لڪوٽي ـ راند ـ بِيھُ ـ ڪُوڪَ ـ اِجهو ـ ٻُوٽِ ـ اڪِيُون

٤- هيٺ ڏنل تصوير ۾ اوهان کي ڪهڙيون شيون نظر اچن ٿيون، تن جا نالا لکو.



٥- لِڪ لِڪوٽي راند جو مظاهرو ڪريو.

ياد رکو ته:

راند کيڏڻ سان ٻار چُست ۽ چالاڪ ٿين ٿا.

اُستاد ٻارن کي لِڪ لڪوٽي راند ڪرائي.

استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي سرگرمي نمبر ٤ واري ڏنل تصوير ۾ موجود شين کي سڃاڻڻ ۾ مدد ڪري.

## سَبَقُ نائون

### سکيا جي حاصلات

- شعر يا بيت کي درست اُچار سان تحت اللفظ پڙهي سگهي.
- پنهنجي پسند جو بيت يا نظم ٻڌائي سگهي.
- لفظن جي ابتدائي آواز ۽ اکر کي تبديل ڪري نوان بامعنيٰ لفظ ٺاهي سگهي.
- نظم سُر ۽ لئہ سان ٻڌي لطف حاصل ڪري سگهي.
- سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.
- اعرابون (زير، زبر، پيش) پڙهي ۽ انهن کي سمجهي سگهي.

# جَهنڊو (بيت)



جَهنڊو پنهنجو پاڪستاني،
قوم سَندِي جو آهي نشاني.

جَهنڊو آهي جانِ کان پيارو،
روشن اُن ۾ چنڊ ۽ تارو.

رنگ اُنهيءَ جو آهي نيارو،
سائو، اڇو، واهہ جو ٻارو.

اُن سان آهي مانُ اسان جو،
جَهنڊو آهي شانُ اسان جو.

اڇو تہ گڏجي گِيتُ هي ڳايون،
قومي جَهنڊي کي جُهولايون.

- ٻچل ميمڻ

استاد لاءِ هدايت: استاد، ٻارن کي قومي جهنڊي جي اهميت ۽ ان جي عزت ڪرڻ بابت ٻڌائي.

# مشق

١- پَڙهو ۽ لِکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| قوم | | نيارو | |
| نشاني | | ماڻُ | |
| روشن | | جهُولايون | |

٢- هنن جهڙا ٻيا لفظ ناهيو. **جيئن: چند - جند**

| | | | |
|---|---|---|---|
| پيارو | | اَڇو | |
| ماڻُ | | رنگ | |

٣- اوهان پنهنجي پسند جو ڪو بيت ٻڌايو.

٤- ڏيان سان ٻُڌو ۽ ٻُڌايو تہ ڪهڙي لفظ جي پهرئين اکر تي (زير - زبر يا پيش) ڏنل آهي.

**کَن - دِل - اُٺ - جِهرڪي**

٥- ڊرائنگ ڪاپيءَ تي قومي جهندو ناهيو.

سرگرمي:


- بيت سُر ۽ لئہ سان گڏجي پڙهو.
- جهندي بابت پاڻ ۾ گفتگو ڪريو.

### سکيا جي حاصلات

- ساڄي کان کاٻي طرف آڱر رکي پڙهي سگهي.
- لفظن جي مذڪر صورتن مان مؤنث صورتون ٺاهي سگهي.
- سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.
- تصويرون ڏسي انهن ۾ موجود شين جا نالا لکي سگهي.
- ڪنهن بہ عام موضوع تي ٽي کان پنج جملا لکي سگهي.
- سادن جملن واري گفتگو ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- ڇاپي تصورن کي 70 کان 80 سيڪڙو درست سڃاڻي سگهي.

**سَبَقُ ڏهون**

# اَسان جو ڳوٺُ



اَسان جو ڳوٺُ ڏاڍو سُنو آهي. اَسان کي پَنهنجي ڳوٺَ سان ڏاڍو پِيارُ آهي.

اسين ڳوٺ کي صافُ سُٿرو رَکندا آهِيُون. گِهٽِيُنِ ۾ گندُ ڪِچِرو ڪونہَ اُڇلايُون. ڳوٺَ کان پَري هِڪَ کڏَ آهي. اُن ۾ ڪچرو اڇلائيندا آهيون.

استاد لاءِ هدايت: ٻارن سان ڳوٺ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري ۽ ڪين مختلف هنرن/ڏنڌن جي باري ۾ ڄاڻ ڏئي.



اَسان جي ڳوٺَ ۾ ڪُنڀارَ، واڍا، لوھارَ ۽ موچِي آھن. اُتي دَرزِڪو دُڪانُ بہ آھي. سيڌي سامانَ جو بہ دُڪانُ آھي. جتان اَسان کي ضَرُورَتَ واريُون شيُون مِلن ٿيون.



اَسان جي ڳوٺَ ۾ ڇوڪرِيُنِ ۽ ڇوڪرنِ لاءِ اِسڪُول آھن. هِتي هِڪَ اِسپتالَ بہ آھي. اِسپتالَ ۾ مَرِيضَنِ جو عِلاجُ ٿيندو آھي.



ڳوٺَ ۾ هِڪَ مَسجِدِ بہ آھي، جَنهِن ۾ ڳوٺاڻا نماز پَڙهندا آھن. ڳوٺ جي چوڌارِي پوڪُون آھن. هَر پاسي ساوَڪَ ئِي ساوَڪَ آھي. هاري وڏِي مِحنَتَ سان پوڪ ڪن ٿا.



اَسِين سَڀ ڳوٺاڻا پاڻَ ۾ پيارَ ۽ مُحبَتَ سان رَهندا آهِيُون. ڏُکَ سُکَ ۾ هِڪَبِئي جِي مَددَ بہ ڪندا آهِيُون.



# مشق

## ١- ٻُڌايو تہ:

(الف) ڳوٺ ۾ ڪهڙا ڪهڙا هنرمند رهندا آهن؟


(ب) پوک ڪير ٿو ڪري؟

(ج) ڳوٺاڻا ڪٿي نماز پڙهندا آهن؟

(د) اسڪول ۾ ڇا حاصل ڪبو آهي؟

(هہ) ڳوٺ جا ماڻهو پاڻ ۾ ڪيئن رهندا آهن؟

## ٢- هيٺ ڏنل هنرمندن ڪي ليڪ ذريعي تصوير سان ملايو:

| | |
|---|---|
| ڪنيار |  |
| درزي |  |
| موچي |  |
| لوهار |  |
| واڍو |  |

۳- هيٺ ڏنل مذڪر لفظن جا مؤنث ڻاهيو:

جيئن: هاري - هارياڻي

| | | | |
|---|---|---|---|
| درزي | | ڌوٻي | |
| ڊاڪٽر | | ماستر | |

۴- پنهنجي شهر/ ڳوٺ بابت ٽي جملا لکو:

______________________________

______________________________

______________________________

۵- هيٺ ڏنل عبارت بابت سوالن جا جواب ڏيو:

آءٌ صبح جو سوير اسڪول ويندو آهيان. اسڪول ۾ اُستاد جون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌندو آهيان. شام جو رانڊِ ڪيڏندو آهيان. پوءِ اسڪول جو مليل ڪَمُ پورو ڪندو آهيان.


(الف) پهريون جُملو ڪٿي ختم ٿئي ٿو؟

(ب) پهرين سِٽ ڪٿي ختم ٿئي ٿي؟

(ج) آخري سِٽ ڪهڙي لفظ تي ختم ٿئي ٿي؟

استاد لاءِ هدايت: • شاگردن کي عبارت پڙهڻ ۾ مدد ڪري ۽ ان ۾ چاپي تصورن يعني ڪهڙو جملو، لفظ ۽ سِٽ ڪٿي شروع ۽ ختم ٿئي ٿي.

۷۔ تصویر ﺀِ رنگ پریو:



## سکيا جي حاصلات

- سبق کي درست اچارن سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- ڪا تقريب يا نمائش ڏسي پنهنجي پسند يا ناپسند جو اظهار ڪري سگهي.
- ڪنهن بہ عام موضوع تي ٽن ڪان پنج جملا لکي سگهي.
- پڇيل سوال سمجهي ۽ ان جا جواب ڏئي سگهي.
- تصويرون ڏسي ان ۾ موجود شين جا نالا لکي سگهي.

سَبَقُ يارهون

# اَنبُ



سِنڌ ۾ اَنبَ جو ميوو عام جام ٿئي ٿو. انبَن جِي مُنڊَ ۾ ڏِسبو تہ اَنبن جا وَڻَ بُورَ سان ٽِمٽار نَظر ايندا آهن. آهستي آهستي بُورَ مان ننڍڙيون اَنبڙِيُون ٿِي پَونديُون آهن.

اَنبڙِيُون جڏهن سايُون هونديُون آهن، تڏهن اُنهن جو سَوادُ کٽو هوندو آهي. اُنهن مان چَٽِڻي، مُربو ۽ آچار ناهِبو آهي.

اَنبن جا ڪيترائِي قِسم آهن. جُدا جُدا شِڪل، خُوشِبُوءِ ۽ سَواد جي ڪري انهن جا نالا بہ جُدا جُدا رکيل آهن. جهڙوڪ: سِنڌڙِي، چوسو ۽ لَنگڙو وغيره.

اَنبُ مِٺو ٿئي ٿو. ننڍڙا ٻارَ ۽ وڏا اَنبُ شوقَ سان کائِين ٿا.

اَنبَ جو ميوو اللہ تعاليٰ جي وڏي نِعمت آهي. اُن مان مُلڪ کي پئسي جي اُپت بہ ٿئي، ۽ ماڻهو بہ کائِي ڏاڍا خُوش ٿِين ٿا.

**استاد لاءِ هدايت:** ٻارن کي ٻين ميون بابت ٻڌائي.

# مشق

١- پڏايو تہ:

(الف) انبڙين مان ڇا ڇا ٺهندو آهي؟

(ب) اَنبَ جا ڪهڙا قسم ٿين ٿا؟

(ج) اوهان ڪي ٻيا ڪهڙا ميوا وڻندا آهن؟

٢- پڙهو ۽ لکو:

ٻُور - ڳُٿو - چَٽِڻي - مُربو - آچار - خوشبوءِ - نعمت

٣- هيٺ ڏنل لفظ پڙهو ۽ جملن ۾ استعمال ڪريو:

| | |
|---|---|
| ميوو | |
| اَنبُ | |
| سواد | |
| سنڌڙي | |

٤- ’انب‘ بابت پنج جملا لکو:

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________

### سکيا جي حاصلات

- شعر يا نظم کي درست اُچار سان تحت اللفظ پڙهي سگهي.
- ننڍا ننڍا نظم سُر ۽ لئہ سان پڙهي لطف اندوز ٿي سگهي.
- تصويرون ڏسي انهن جا نالا ٻڌائي سگهي.
- نظم پڙهي ڪردارن ۽ شين جا نالا ٻڌائي سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي ۽ لکي سگهي.
- هم آواز لفظن کي سُڃاڻي درست اُچاري سگهي.

## سَبَقُ ٻارهون

# آوازَ




ڪوئِل ڪُوڪي، ڪُو ڪُو ڪُو،
ڳيرو ڳائي، گُهو گُهو گُهو.





ڪانءُ ڪري ٿو، ڪان ڪان ڪان،
ڏيڏر ڪري ٿو، ٽان ٽان ٽان.



جِهرڪي ٻولي، چُون چُون چُون،
پَرِڙا کولي، چُون چُون چُون.

ريلَ ڪَري ٿي، ڇُڪ ڇُڪ ڇُڪ،
تيز ڀڄي ٿي، ڊُڪ ڊُڪ ڊُڪ.




موٽر ڊوڙي، ڦَر ڦَر ڦَر،
تيلُ اُنهيءَ ۾، پَر پَر پَر.



ڪُڪُڙُ ڪَري ٿو، ڪُڪُڙو ڪُو،
صُبحُ ٿيڻ جو ڏَسُ ڏي هُو.

- امداد حسيني

**استاد لاءِ هدايت:** ٻارن کي پکين ۽ جانورن جي آوازن جي ڄاڻ ڏئي.

# مشق

١- ٻُڌايو تہ:

(الف) ’ڪان ڪان ڪان‘ ڪهڙو پکي ڪندو آهي؟

(ب) ’ٽان ٽان ٽان‘ ڪير ڪندو آهي؟

(ج) ڳيرو ڪهڙو آواز ڪيندو آهي؟

(د) ’ڪُڪُڙو ڪُو‘ ڪهڙو پکي ٿو ڪري؟

٢- پَڙهو ۽ سُٺن اکرن ۾ لِکو:

ڪوئِل ڳيرو ڪانءُ ريل ڇُڪ ڇُڪ پرِڙا موٽر

٣- شعرٻڌو۽ هر شعر ۾ هڪجهڙن آوازن وارن لفظن تي تاڙي وڄايو.


★ ڪوئل ڪُوڪي، ڪُو ڪُو ڪُو،
ڳيرو ڳائي، گُهو گُهو گُهو.

★ جهرڪي ٻولي، چُون چُون چُون،
پرڙا ڪولي، چُون چُون چُون.

## ۴- تصويرون سُجاڻي اُنهن جا نالا ۽ آواز ٻُڌايو:


















**استاد لاءِ هدايت:**


- سرگرمي نمبر ٣ ۾ استاد ٻارن کي شعر ٻڌائي هڪجهڙن آوازن وارن لفظن تي تاڙي وڄرائي.
- استاد ڪلاس ۾ سرگرمي نمبر ۴ ۾ ڏنل تصويرون ڏيکاري ٻارن کان واري واري سان پنهنجي پسند جي پکي يا شيءِ جو آواز ڪيرائي.

سَبَقُ تيرهون

# فاطِمہ جِناح

**سکيا جي حاصلات**

- وطن جي مشاهيرن بابت ڄاڻي سگهي.
- پڇيل سوال ٻڌي انهن جا جواب ڏئي سگهي.
- اکر، لفظ، علامتون ۽ جملا سڃاڻي پڙهي سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.



پاڪِستان اَسان جو وَطن آهي. اُن کي قائدِ اَعظَم مُحَمد عَلي جِناح ٺاهيو. سندس ننَڍي ڀيڻ جو نالو فاطِمہ جِناح هو. هوءَ محنتي ۽ هوشِيار هُئي. هن شروعاتي تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. اڳتي هلي هن ڏندن جي ڊاڪٽريءَ جي تعليم ڪَلڪتي مان پرائي.

فاطِمہ جناح کي پَنهنجي ڀاءُ قائدِ اعظم سان ڏاڍو پيار هو. پَنهنجي ڀاءُ جي کاڌي پِيتي ۽ آرام جو گهڻو خيال رَکندِي هُئي.

هُن پَنهنجي ڀاءُ جي قومي ڪمن ۾ تمام گهڻِي مدد ڪَئِي. اُن سان گڏ هُن ملڪ جي عورتن ۾ بہ سُجاڳِي آندِي. کيس ’مادرِ مِلت‘ سڏيو ويندو آهي. وَفات کان پوءِ کيس ڪراچيءَ ۾ قائدِ اَعظَم جي مقبري ڀرسان دفن ڪيو ويو.

# مشق

## ١- ٻُڌايو تہ:

(الف) فاطِمہ جناح ڪير هئي؟

(ب) فاطِمہ جناح شروعاتي تعليم ڪِٿان پرائي؟

(ج) ’مادرِ مِلت‘ ڪنهن کي سڏيو ويندو آهي؟

(د) فاطِمہ جِناح ڪٿي دفن آهي؟

## ٢- پَڙهو ۽ لِکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| قائِدِ اَعظَم | | شروعاتي | |
| فاطِمہ جِناح | | تعليم | |
| بيمار | | ڪراچي | |
| سار سنڀال | | مادرِ مِلت | |

## ٣- مناسب لَفظَ چونڊي هيٺيان خالَ ڀَريو:

(الف) فاطِمہ جناح شُروعاتِي تَعلِيمَ ............... مان حاصِلُ ڪَئِي. (حيدرآباد / ڪراچي)


(ب) هُنَ ............... مان ڏَندن جي ڊاڪٽرِيءَ جي تعليم پرائي. (ڪلڪتي / ڪراچي)

(ج) هُنَ پَنهنجي ڀاءُ جي ............... ڪَمن ۾ تَمام گهڻِي مَددَ ڪَئِي. (گهرو / قومي)

(د) قائِدِ اَعظَم جي ............... ٺيڪ ٿي سندس سارَ سنڀالَ لَهندِي هُئِي. (صحتمند / بيمار)

## ٤- سنڌ جي ڪن بہ ٻن مشهور عورتن جا نالا ٻُڌايو:

## ٥- ٽُبڪا مِلائي، رنگ ڀري تَصوير ٺاهيو:



سَبَقُ چوڏهون

### سکيا جي حاصلات

- وڏن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت ادب ۽ احترام جو خيال رکي سگهي.
- سلام ڪرڻ، مهرباني چوڻ، هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جهڙين ڳالهين تي عمل ڪري سگهي.
- گروهي ڪمن (صفائيءَ جو هفتو، رانديون، وڻڪاري وغيره) ۾ شامل ٿي سگهي.
- بيهڪ جي نشانين (اڌ دم، پورو دم ۽ سوال جي نشاني) کي سڃاڻي سگهي.
- پنهنجي گهر بابت ٽن کان پنج سادا ۽ مربوط جملا لکي سگهي.
- پاڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهي

# سُنيون ڳالهيُون

**ماءُ:** پُٽَ اَڄُ ڏاڍو خوش ٿو نَظرِ اَچين؟

**عَباس:** ها اَمان، اَڄُ اَسان جي اُستادَ اَسان کي ڏاڍيون سُنيُون ڳالِهيون ٻُڌايون آهِن.



**ماءُ:** پُٽ، ڀَلا مُون کي بہ تہ ٻُڌاءِ.

**عَباس:** اَمان، اُستادَ ٻُڌايو تہ ڪاڏو سدائين وَقتَ تي ڪائجي. اِسڪول وَڃڻ مَهل گهَرَ وارن کي الله واهِي چَوَڻ گهُرجي. واپس اَچِي گهَرَ وارن کي سلام ڪرڻ گهُرجي. ماءُ پيءُ ۽ استاد جو اَدَبُ ڪَجي. وَڏَن جِي عِزتَ ڪَجي. هڪ جيڏن سان پيارَ ۽ محبتَ سان هَلجي. ڳالهائڻ مَهل تکڙو نہ ڳالهائِجي. ٻئي جي ڳالهہ پُوريءَ طرح ٻُڌجي.

**ماءُ:** شاباسِ پُٽ، اِهي تہ تمامُ سُنيون ڳالهيون آهن.

**عَباس:** اَمان، ڪالهہ اُستادَ اسان کي اُسڪول ۾ وَڻڪاريءَ جو ڪَمُ وِرهائي ڏِنو هو، اسان هڪٻئي جي مَدَدَ سان اسِڪُول ۾ وَڻَ پوکِيا ۽ ٻُوٽَنِ کي پاڻِي بہ ڏِنو. اَمان اَسان کي صافُ سُٿِري ماحول ۾ ڏاڍو مَزو اِيندو آهي.



**ماءُ:** پُٽَ اِها تہ ڏاڍي سُٺِي ڳالهہ آهي. اَسان کي پَنهنجا گهرَ، اسڪُولَ، گِهٽِيون ۽ پاڙا صافُ سُترا رَکَڻُ گُهرجَن. اَسان اِهو ڪَمُ هڪٻئي جِي مَدَدَ سان ڪَري سَگهُون ٿا.

# مشق

## ١- ٻڌايو تہ:

(الف) صفائي رکڻ چو ضروري آهي؟

(ب) استاد ڪهڙيون سٺيون ڳالهيون ٻڌايون؟

(ج) اسان کي ٻين جي مدد ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟

## ٢- هيٺ ڏنل متن ۾ ’پوري دم‘ جي نشانيءَ تي دائرو لڳايو:

اَمان، ڪالهہ اُستادَ اسان کي اسڪول ۾ وَڻڪاري جو ڪَمُ وِرهائي ڏِنو هو. اسان هڪٻئي جي مَدَدَ سان اسِڪُول ۾ وَڻَ پوکِيا ۽ ٻُوٽَنِ کي پاڻِي بہ ڏِنو. اَمان اَسان کي صافُ سُٿِري ماحول ۾ ڏاڍو مَزو اِيندو آهي.

## ٣- ڏنل لفظ پڙهو ۽ جملن ۾ استعمال ڪريو:

| | |
|---|---|
| اسڪول | |
| مدد | |
| صاف | |

## ۴- پنهنجي گهر بابت پنج جملا لکو:

## ۵- توهان روزانو اسڪول کان گهر اچي ڇا ڪندا آهيو؟

## ٦- هميشہ ياد رکڻ جون ڳالهيون:

ماءُ پيءُ ۽ استاد ۽ وڏن جو اَدبُ ڪَجي

اسان کي پنهنجا گهرَ، اسڪولَ، گهٽيون ۽ پاڙا صاف سٿرا رکڻ گهرجن.

وڻ ۽ ٻوٽا پوکڻ گهرجن ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ گهرجي.

ڳالهائڻ مهل تکڙو نہ ڳالهائِجي. ٻئي جي ڳالهہ پُوريءَ طرح ٻُڌجي.


استاد لاءِ هدايت:
- ٻارن سان وڏن، پاڻ جيڏن ۽ ننڍن سان ڳالهہ ٻولهہ جي سليقي بابت ڳالهائي.
- گهر، اسڪول، گهٽين ۽ پاڙي کي صاف سٿرو رکڻ جي افاديت ٻڌائي.

## سَبَقُ پندرهون

### سکيا جي حاصلات

- نظم سُر ۽ لئہ سان ٻڌائي سگھي.
- نظم پڙهي ڪردارن ۽ شين جا نالا ٻڌائي سگھي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي ۽ لکي سگھي.
- لفظن جا شروعاتي، وچيان يا آخري اکر بدلائي نوان لفظ ناهي سگھي.

# جو کِيرُ پِئي (بيت)



جو کِيرُ پِئي، سو وِيرُ ٿئي،
ڏندَ زور وٺن،سُٺا سُهڻا لَڳن،
اَکين جوتِ وَڌي، ڏاڍي سُونهن ٿئي،
وَٺي زور بَدنُ، لِڳَ چُست ٿِين،
کِيرُ صَفا سُٺو، واهہ ڏاڍو مِٺو،
ٻارو اَچو پِيُون، يَري کِير وَٺيُون،
سَڀ زور وٺُون، پِي کِيرُ وڌُون،
ڏي کِيرُ اَمان، پِي پڙهڻ وَڃان.

- پيرو مل 'غريب'

## مشق

۱- ٻڌايو تہ:

(الف) کير پيئڻ ڇو ضروري آهي؟

(ب) کير مان ڪهڙيون شيون نهنديون آهن؟

۲- هيٺ ڏنل لفظ سُنن اکرن ۾ لِکو ۽ پڙهو:

سُهڻا - چُست - وِيرُ - زور - سُونهن - جوت

استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي نظم سُر ۽ لئہ سان پڙهائي ۽ ٻُڌي.

### ٣- ليڪ وسيلي ساڳئي آواز وارا لفظ ملايو:

جيئن:

| | |
|---|---|
| جو | وڏون |
| پئي | منو |
| ونن | سو |
| ونون | لڳن |
| سنو | تئي |

### ٤- ڪُٽل اکر لکي لفظ ٺاهيو:

| | | |
|---|---|---|
| ي | ٿ | |
| | | ڏ |
| | | ي |

| | | |
|---|---|---|
| ج | | |
| و | | |
| | س | چ |

| | | |
|---|---|---|
| | ک | |
| ر | | و |
| | ر | |

### ٥- ڪِيرُ پيئڻ جا ڪي بہ چار فائدا ٻڌايو.

### ياد رکو تہ:

روزانو کير پيئڻ گُهرجي، کير پيئڻ سان ماڻهو تندرست ۽ توانو رهي ٿو.


# سَبَقُ سورهون

## سکيا جي حاصلات

- بصري لفظ سڃاڻي لکي سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ جملن ۾ ڪم آڻي، لکي سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي ۽ لکي سگهي.
- سُڌ سماءَ جي ذريعن (اخبار، ريڊيو ۽ ٽي وي وغيره) جي ڄاڻ رکي سگهي.
- سادن جملن واريءَ گفتگو ڪري سگهي.
- سڌ سماءَ جي ذريعن (اخبار، ريڊيو ۽ ٽيليويزن وغيره) تي ٻارن جا پروگرام ڏسي - ٻڌي سگهي.
- روز مره جون شيون ڏسي انهن جو ڪجهه جملن ۾ تعارف ڪرائي سگهي.

# هِي ڇا آهن؟

١




٢



٣



٤




٥



٦



٧



٨



٩



استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي سڌ سماءَ جي ذريعن (ريڊيو، ٽيليويزن، اخبار ۽ انٽرنيٽ وغيره) جي ڄاڻ ڏئي.

# مشق

١- هن سبق ۾ ڪهڙين شين جون تصويرون آهن؟ انهن جا ڏنل عدد لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪمپيوٽر | | ريڊيو | |
| وڊيو ڪئميرا | | ٽيليويزن | |
| اخبار | | فوٽو ڪئميرا | |
| ٽيليفون | | موبائيل فون | |

٢- پڙهو ۽ لکو:

ٽيليويزن - ريڊيو - ڪئميرا - ڪمپيوٽر - جهاز

٣- ٻارو هن سبق ۾ ڏنل تصويرن مان ڪنهن ٻہ هڪ تصوير بابت ٻڌايو.

٤- ڏنل لفظ پڙهو ۽ جملن ۾ استعمال ڪريو:


| | |
|---|---|
| منهنجو | |
| منهنجي | |
| تنهنجي | |

## ٥- مناسب لفظن سان جملا مڪمل ڪريو:

(وڊيوڪئميرا - اخبار - ريڊيو - ڪئميرا - ٽيليويزن)

- احمد پنهنجي ____________ سان وڊيو پري ٿو.
- جاويد صبح جو ____________ ۾ دنيا جون خبرون پڙهندو آهي.
- سانوڻ ____________ تي گيت ۽ خبرون ٻڌي ٿو.
- اسان ڪالهه ____________ تي ڊرامو ڏٺو.
- راڻي باغ ۾ سرواڻ ____________ سان تصويرون ڪڍيون.

## ٦- ٽِٻڪا ملائي تصوير مڪمل ڪريو:




## ٧- سرگرمي:

- ريڊيو، ٽيليويزن، ٽيليفون، موبائيل فون، ڪمپيوٽر وغيره جي روزمره جي زندگي ۾ استعمال بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو.
- ٽيليويزن تي توهان ٻارن جا ڪهڙا ڪهڙا پروگرام ڏسندا آهيو؟ انهن مان اوهان کي ڪهڙو پروگرام وڌيڪ پسند آهي؟

## سکيا جي حاصلات

- پُڇيل سوال سمجهي انهن جا جواب ڏئي سگهي.
- ذاتي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪري سگهي.
- ڪنهن تصوير کي ڏسي ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- تصوير جي مدد سان عبارت پڙهي سمجهي سگهي.
- ڪنهن بہ عام موضوع تي ٽن کان پنج جملا لکي سگهي.

**سَبَقُ سترهون**

# خُوبصُورَت نظارو



ڪالهہ بَرسات کان پوءِ، اسان دوستن، پَهريون ڀيرو آسمان تي اِندلَٺِ ڏٺي. اِندلَٺِ فِطرت جو هِڪُ خُوبصورَت نَظارو آهي.

اِندلَٺِ بَرسات کان پوءِ آسمان تي نظر ايندي آهي. ايئن لڳندو آهي ڄڻ آسمان تي هڪ ست رنگي ڪَمان اُڀريل آهي. اِندلٺ جي ستن رنگن ۾ واڱڻائي، سُرمائي، نيرو، سائو، پِيلو، نارنگي ۽ ڳاڙهو رنگَ شامل آهن.

جڏهن سج جي چمڪندڙ روشِني بَرسات جي شَفافُ ڦڙنِ مان گُذرندي آهي تَڏهِن اندلٺ نَهندي آهي. اندلٺ کي آسِمان تي ڏسي هَرڪوخُوش ٿيندو آهي. ننڍڙا ٻارَ بہ اندلٺ جو خوبصورت نظارو ڏِسي خوشيءَ وچان ٽپندا ڪُڏندا آهن.

# مشق

## ١- ٻڌايو ته:

الف) اوهان کي اِندلٺ جا ڪهڙا رنگ پسند آهن؟

ب) اِندلٺ ڪڏهن نظر ايندي آهي؟

ج) اِندلٺ ۾ گهڻا رنگ ٿيندا آهن؟

د) مِينهن ۾ توهان ڇو خوش ٿيندا آهيو؟

## ٢- رنگ سڃاڻي انهن جا نالا لکو:

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| رنگ | | | | | | | |
| رنگ جو نالو | | | | | | | |

## ٣- ٻارو! اوهان کي اِندلٺ جا ڪهڙا رنگ پسند آهن؟ ڪن ٻه ڇئن رنگن جا نالا لکو:

______________________ ______________________

______________________ ______________________

**سرگرمي:** اوهان کي ڪهڙي موسم پسند آهي؟ ان بابت پنج جملا لکو.

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

**استاد لاءِ هدايت:** ٻارن کي موسم، برسات ۽ اندلٺ بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏئي.

## سَبَقُ ارڙهون

### سکيا جي حاصلات

- آکاڻي پڙهي متن ۾ ڪردارن جا نالا لکي سگهي.
- آکاڻي ٻڌي ان مان مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- آکاڻي جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي.
- سادا لفظ ٻڌي ۾ سمجهي سگهي.
- پنهنجي پسند جي آکاڻي يا نظم ٻڌائي سگهي.

# هڪٻئي جي مدد ڪرڻ



هِڪِڙو اَنڌو واٽَ وَٺيو پئي ويو. وَاٽَ تي هِڪ هَنڌِ کَڏون ۽ کوٻا هُئا. اَنڌو بِيهي رهيو. اوچتو ڪنهن جي کَنگِهڪار ٻُڌائين. هُن رَڙ ڪَري ڪيس چيو، ادا مون کي هي ڏُکيو رستو پار ڪرائي اَڳيرَو ڪَر. هن وراڻي ڏني ته ادا، آءٌ پاڻ مَنڊو آهيان. تُنهنجي مَددَ ڪيئن ڪَريان. هُن چيو ادا تون مُنهنجي ڪُلهي تي چڙهه، ٿَنگُون مُنهنجون ۽ اَکيُون تُنهنجون تُنهنجون اَکيُون مون کي ڪم ايندِيون ۽ مُنهنجون ٽَنگُون

تُنهنجي مَددَ ڪَنديُون. مَندي چَيو، ياءُ! وَاهـ جِي ڳالِهـ ڪَئي اَٿئي. تَنگَنُ ڪان جَڏو اَنڌي جي ڪُلِهي تي چَڙهيو ۽ هِڪَ ٻِئي جي مَددَ سان ڏُکي واٽَ ڪان لَنگهي پار پيا.

آخَرِ ۾ ٻِنهي چَيو اَدا مَعذُورَ آهيون پَرَ مَجبُورُ نـَ آهيُون. اسان کي کپي تہ اسين بہ ائين ئي ڏکئي وقت ۾ ٻين جي مدد ڪريون.

## مشق

۱- پَڙهو ۽ لِکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| مجبُور | | مَعذُور | |
| ضَرُور | | مَدد | |
| اَڪِيُون | | واٽَ | |

۲- ٻارو هيءَ آکاڻي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌايو.

۳- نوان لفظ ٺاهيو: جيئن: ڪتابُ = ڪتاب


هَٿُ = ............................ ڳُلُ = ............................

دڪانُ = ............................ قَلَمُ = ............................

۴- هيٺيان جملا پڙهو ۽ لکو:

- هو پاڻ ۾ دوست آهن.
- هوءَ منهنجي ڀيڻ آهي.
- مان ڪتاب پڙهندو آهيان.

۵- تصوير ۾ رَنگ ڀَريو:




### سبَقُ اوڻيهون

# سچُ ڳالهاءِ (بيت)

**سکيا جي حاصلات**

- شعر يا بيت کي درست اُچار سان تحت اللفظ پڙهي سگهي.
- بيت ٻڌي يا پڙهي ان جو مقصد سمجهي مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- پنهنجي پسند جو بيت يا نظم ٻڌائي سگهي.
- هم آواز لفظ سڃاڻي سگهي.
- ننڍا ننڍا نظم سُر ۽ لئہ سان پڙهي لطف اندوز ٿي سگهي.



آءٌ نہ ڪڏهين ڪوڙو ٿيندس،
ساهہ سدائين سَچ تي ڏيندس.

ڪُوڙ چوان تان پَتِ وِڃايان،
هِتي هُتي نِتِ پاڻ لَڄايان.

سَيئي ڪُوڙو ڪُوڙو چَوندم،
پاسي ۾ پوءِ ويهڻ نہ ڏِيندم.

سَچ چوڻ سان ملندم پيارُ،
ڪڏهين ٿِيندس ڪِينَ خُوار.

مُون کي ڏي تون سَگهہ ڏڻي،
سَچ سان رکان دل گهڻي.



- مرزا قليچ بيگ

**استاد لاءِ هدايت:** ٻارن کي سچ ڳالهائڻ جي اهميت کان واقف ڪري ۽ کين سچ ڳالهائڻ جي تلقين ڪري.

# مشق

## ١- ٻُڌايو ته:

(الف) سچ ڳالهائڻ جا ڪهڙا فائدا آهن؟

(ب) ڪُوڙ ڳالهائڻ سان ڪهڙا نقصان ٿيندا آهن؟

(ج) هن بيت مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

(د) ڏٽي سڀڳوري ڪان ڪهڙي دعا گهرڻ ڪپي؟

## ٢- پڙهو ۽ لِکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| پَتِ | | پِيارُ | |
| سَچُ | | سدائين | |
| نِتِ | | مِلندم | |
| سَگهه | | لڄايان | |

## ٣- هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

مون کي ڏي تون سگهه ڏٽي

____________________

## ٤- ڏنل بيت مان هم آواز لفظ چونڊي لکو. جيئن: ٿيندس - ڏيندس

- وڄايان __________
- چَوندم __________
- پيارُ __________
- ڏٽي __________

## ٥- پنهنجي پسند جو بيت سُر سان ٻڌايو.


**سکيا جي حاصلات**

- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ کان پوءِ ٻڌائي سگهي.
- تصويرون ڏسي انهن ۾ موجود شين جا نالا لکي سگهي.

**سَبَقُ ويهون**

# اچو ته وڻ پوکيون

وَڻ الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن مان هڪ نعمت آهي. وڻن مان اسان کي ٻَارڻُ ۽ گهَرَن اڏڻ جو ڪاٺُ ملي ٿو.





وَڻن ۽ ٻوٽن مان جانِوَرن کي پڻ ڪاڌو ملي ٿو. جيئن ٻبرن مان ٻُوري ۽ پَلڙا ملن ٿا، جيڪي ڪِير ڏِيندڙ جانوَرن لاءِ طاقتور ڪاڌو آهن. ٻهراڙيءَ توڙي شهرن ۾ چانوَ ۽ سونهن لاءِ وَڻَ پوکِبا آهن. چانوَ لاءِ گهٽو ڪري نِم، ٽالِهي، ٻَبُر، پِپر ۽ بَڙ پوکِبا آهن.



گهڻَنِ وَڻن پوکڻ سان مِينهن بہ
جَهجهو پوندو آهي ۽ موسم
وَڻندڙ ٿِي پوندي آهي.

وڻ نہ فَقط اِنسانَنِ لاءِ، پر
جانورن ۽ پکِين لاءِ پڻ ضروري
آهن. اونهاري ۾ منجهند جو چوپايو مال وڻن جي ڇانوَ هيٺ
ويهندو آهي. پکي بہ پنهنجا آکيرا وڻن ۾ ناهيندا آهن. وڻن مان



ميوو، ماکِي، لاکَ ۽ کَؤنر ملندا آهن. ڪاٺُ مان ڪوئِلو بہ ناهيو
ويندو آهي. اَسان کي گهرجي تہ وَڌِ کان وڌ وَڻَ پوکيون ۽ انهن جي
سار سنڀال لهون.



# مشق

۱- زباني جواب ڏيو:

(الف) توهان جي ڳوٺ ۾ ڪهڙا ڪهڙا وڻ آهن؟

(ب) وڻ ڇو ضروري آهن؟

(ج) ڪهڙا وڻ ڇانوَ خاطر پوکبا آهن؟

(د) وڻن مان اسان کي ڪهڙيون شيون ملن ٿيون؟

۲- هيٺيان لفظ پڙهو ۽ لکو:

اَڏڻ - نعمت - جَهجهو - فَقط

۳- هيٺيان خال ڀريو:

(الف) وڻن مان جانورن کي ________ ملي ٿو.

(ب) پکي وڻن ۾ ________ ٺاهيندا آهن.


(ج) اسان کي وڏ ۾ وڏ ________ پوکڻ گهرجن.


۴- لفظ ڏيان سان ٻڌو ۽ هيٺ ڏنل لفظن کي ٻِدن ۾ ٽوڙي ۽ جوڙي ٻڌايو:

جيئن: ڪاڏو = 'ڪا' ۽ 'ڏو'

ڪاٺُ - ٻُورُ - ماڪِي - مالُ - ڪِيرُ - وَڻُ - آڪيرا - ٻَبُرُ - پَلڙا


## ۵- سڃاڻو ۽ نالا لکو:











## سَبَقُ ايڪيهون

### سکيا جي حاصلات

- ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ جملن ۾ ڪم آڻي، لکي سگهي.
- لفظن جا شروعاتي، وچيان يا آخري اکر بدلائي نوان لفظ ٺاهي لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جي شين بابت ٽن کان پنج سادا جملا لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جون پروليون يا لطيفا ٻڌائي سگهي.
- اکر، لفظ، علامتون ۽ جملا سڃاڻي، پڙهي ۽ لکي سگهي.
- 70 کان 80 سيڪڙو بي معنيٰ لفظ درست پڙهي سگهي.

# ڀَلا ٻُڌاءِ تہ ڇاهي؟

**١**




پَرَ اَٿس پَر پوپٽ ناهي،
اُڀ ۾ اُڏري پَکي بہ ناهي،
ڀلا ٻُڌايو تہ اهو ڇا هي؟

**٢**




خَبرون چارُون روز ٻُڌائي،
مِنٽڙا، مِنٽڙا، گِيت سُڻائي،
ڀلا ٻُڌايو تہ اهو ڇا هي؟

**٣**



کيلَ ڀَسائي دل وندرائي،
ڄڻ تہ کو گهر جو ڀاتي آهي،
ڀلا ٻُڌايو تہ اها ڇا هي؟

- امداد حُسيني

استاد لاءِ هدايت: شاگردن کي پروليون ياد ڪرائي ۽ ڪجھ ٻين پرولين جي مشق ڪرائي.

# مشق

١- هر هڪ تصوير تي پروليءَ جو نمبر لکو:







٢- هيٺ ڏنل لفظ جُملن ۾ ڪم آڻيو:

قومَ ____________________

نِشاني ____________________

ڳِيتُ ____________________

ڳوٺُ ____________________

نمازَ ____________________

٣-آخري اکر بدلائي نوان لفظ ٺاهيو. جيئن: رات - را+ڳ

| | | | |
|---|---|---|---|
| پَلو | | گُڏو | |
| پَڪي | | مِٺو | |

### ۴- پنهنجي پسند جي راند بابت ٽي جملا لکو:

### ۵- پنهنجي پسند جي پرولي يا لطيفو ٻڌايو.

### ٦- هيٺ ڏنل بي معنيٰ لفظ پڙهي ٻڌايو:

تٿ - ٻڏ - پڱ - ٻخ - ڏج - خٻگ - ڄخ - ٿاپ - چڙو - ڏاپ

**استاد لاءِ هدايت:** اُستاد شاگردن کي واري واري سان سرگرمي نمبر ٦ ۾ ڏنل بي معنيٰ لفظ پڙهڻ لاءِ چئي ۽ هر ٻارَ جي پڙهيل لفظن جو تعداد معلوم ڪري.

سَبَقُ ٻاويهون

سکيا جي حاصلات

- عبارت پڙهي پنجن مان ٽن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ درست اُچارن سان پڙهي سگهي.
- هڪ منٽ ۾ 15 کان 30 لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.

# جاندار شيون



اَسِين پَنهنجي چوڌارِي ڪيترِيُون ئِي شَيُون ڏِسون ٿا. انهن مان ڪي جانِدار آهِن، تہ ڪي بي جانِ.

ٻُوٽا ۽ جانِوَر جانِدار آهن. پَکيُن ۾ ڪانءُ، ڪَبُوتَر، طوطو، ڪُڪڙ ۽ ٻِيا جانِدار آهن.

ماڙُهو، ڳَئُون، مينهن ۽ ٻَڪِري بہ جانِدار آهن. ڪُتو، ٻِلي، گِدڙُ، بگهڙُ پڻ جانِدارَ آهن. انهن کي جانِور چئبو آهي.

نِم، ٻَبُرُ، ڪَٽَڪ ۽ ڪمند جانِدار آهن. ٻاڄيون ۽ گاهہ بہ جانِدار آهن. اُنهن کي ٻُوٽا چئبو آهي.

ڪتاب، ميز، ڪُرسي ۽ گلاس بي جان شيون آهن. جانِدار شيون چُرپُر ڪن ٿيون ۽ وڌن ٿيون. بي جانِ شيون چُرپُر نہ ٿيون ڪن ۽ واڌ بہ نہ ٿيون ڪن.

استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي جاندار ۽ بي جان شين ۾ فرق سمجهائي.

# مشق

١- پڙهو ۽ لکو:


جانِدار - جانِوَر - ٻُوٽا - ڇُر پُر - واڏ

ماڻهو - ڪمند - گِلاس - گِدَڙ - ٻَگهڙ

٢- هيٺيان جاندار آهن يا بي جان؟ انهن جي سامهون ڏنل خاني ۾ (✓) نشان لڳايو:



| | |
|---|---|
| جاندار | بي جان |



| | |
|---|---|
| جاندار | بي جان |



| | |
|---|---|
| جاندار | بي جان |



| | |
|---|---|
| جاندار | بي جان |

### ٣- هيٺ ڏنل عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏيو:

اسان جي گهر ۾ هڪ مينهن آهي. مينهن کير ڏيندي آهي. گهر ۾ هڪ ٻُوٽو بہ آهي. آءٌ روزانو ان کي پاڻي ڏيندو آهيان. اسان کي جانورن تي ڪَهل ڪرڻ گُهرجي. ٻُوٽن جي سارسنڀال بہ لهڻ گُهرجي.

(الف) مينهن ڇا ڏيندي آهي؟
(ب) ٻُوٽي کي ڇا ڏبو آهي؟
(ج) جانورن سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گُهرجي؟
(د) ٻُوٽي کي پاڻي ڇو ڏبو آهي؟
(هہ) ڪهڙا ڪهڙا جانور کير ڏيندا آهن؟

### ۴- هيٺ ڏنل عبارت هڪ منٽ ۾ درست اُچارَ ۽ رواني سان پڙهو:

اسان ڪالهہ باغ گُهميو. وڻن تي پکي ٻوليون ٻولي رهيا هئا. چوڌاري ساوَڪ هئي. ڪجهہ وڻن ۾ ميوا هُئا. باغ ۾ سُهڻا گُل بہ هئا. باغ گُهمڻ ڏاڍي خوشي ٿي.

**استاد لاءِ هدايت:**

- اُستاد ٻارن کان سرگرمي نمبر ٣ ۾ ڏنل عبارت ڌيان سان پڙهڻ لاءِ چئي ۽ ان بابت ڏنل سوالن جا جواب لکرائي.
- اُستاد ٻارن کان سرگرمي نمبر ۴ ۾ ڏنل عبارت واري واري سان هڪ منٽ ۾ پڙهائي ۽ درست پڙهيل لفظن جو تعداد ڳڻي لکي.

سَبَقُ ٽيويهون

# پوپَٽُ (بيت)

واهہ واهہ! پيارو پوپَٽ،
مِنِڙو ۽ موچارو پوپَٽ.

تارَن وانگرُ چِلڪي چمڪي،
ڳاڙهو پِيلو ڪارو پوپَٽ،

گُلڙِنِ کي تو گِيتَ ٻُڌائي،
مِنِڙِين ٻولينِ وارو پوپَٽ.

سُندَر سُهڻو ۽ مَن مُهڻو،
ڀُورو ڀَاڳَ ڀَلارو پوپَٽ.

دِل ٿِي چاهي مُون کي ڏِين ٿُون،
پَنهِنجو رَنگُ اُڌارو پوپَٽ.

- رشيد احمد لاشاري

### سکيا جي حاصلات

- شعر يا نظم کي درست اُچار سان تحت اللفظ پڙهي سگهي.
- نظم پڙهي ڪردارن ۽ شين جا نالا ٻڌائي سگهي.
- پنهنجي پسند جو شعر يا نظم پڙهي ٻڌائي سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي ۽ لکي سگهي.
- عددي رٿا (هڪ، ٻہ، ٽي ۽ پهريون، ٻيون، ٽيون وغيره) جو فرق سمجهي سگهي.
- تصوير ڏسي ان بابت ڪجهہ جملا لکي سگهي.



**استاد لاءِ هدايت:** ٻارن کي پوپٽ جي رنگن بابت ڄاڻ ڏي.

# مشق

۱- ٻُڌايو تہ:

(الف) اوهان کي پوپٽ ڇو وڻندو آهي؟

(ب) پوپٽَ ڪهڙن رنگن جا ٿيندا آهن؟

(ج) اوهان کي هن بيت جون ڪهڙيون سٽون وڻن ٿيون؟

۲- پڙهو ۽ لِکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| پِيارو | | وانگر | |
| مِنِڙو | | پُورو | |
| موچارو | | سُندَر | |
| پوپَٽ | | پَلارو | |

۳- اُبتڙ لفظ ڳاهيو: جيئن ڏينهن = رات

| | | | |
|---|---|---|---|
| هيٺ | | سچو | |
| صبح | | زمين | |

۴- تصويرون ڏسي جملا لکو:



## ٥- هم آواز لفظ ليڪ وسيلي ملايو:


| | |
|---|---|
| سھٽو | ڦلڙن |
| منڙيون | سنگ |
| گلڙن | مھٽو |
| رنگ | سنڙيون |

## ٦- نوان لفظ ٺاهيو:

جيئن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| هڪ | پھريون | ڇھ | |
| ٻه | | ست | |
| ٽي | | اَٺ | |
| چار | | نوَ | |
| پنج | | ڏَھ | |

## ٧- تصوير ۾ رنگ ڀريو:




سبق چوويهون

# ٽرئفڪ جا اُصول

ي

- سادن جملن واري گفتگو ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- عبارت پڙهي پنجن مان ٽن سوالن جا جواب سگهي.
- بورڊ، تختيون ۽ سائن بورڊ پڙهي سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ کان پوءِ ٻڌائي سگهي.



واجد اڄ جيئن ئي اسڪول کان گهر واپس موٽيو تہ رستي تي ٽرئفڪ جا سگنل ۽ گاڏيون ڏٺائين.

واجد پنهنجي پيءُ کان ٽرئفڪ جي اشارن بابت پُڇيو: ”بابا، ٽرئفڪ جا ڪهڙا اصول آهن؟“

پيءُ: پُٽ، رستي تي ٽرئفڪ جا سگنل لڳل هوندا آهن، ڇا تو اُهي ڏٺا آهن؟

واجد: ها بابا سائين، جن ۾ ڳاڙهي، پيلي ۽ سائي بتي هوندي آهي.

پيءُ: هائو پُٽ، اهي بتيون ٽرئفڪ کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اشارا هونديون آهن.

مفت ورهاست لاءِ

واجد: بابا سائين، ڳاڙهي بتيءَ جو ڇا مطلب آهي؟

پيءُ : ڳاڙهي بتيءَ جو مطلب آهي تہ گاڏي بيهاري ڇڏي.

واجد: بابا سائين، پيلي بتيءَ جو مطلب ڇا آهي؟

پيءُ : جيڪڏهن پيلي بتي ڳاڙهي بتيءَ کان پوءِ ٻرندي، تہ ان جو مطلب ٿيندو تہ هاڻي سائي بتي ٻرندي، ان ڪري گاڏيءَ کي هلڻ لاءِ تيار رکو .



ساڄي موڙ



سگنل



کابي موڙ

واجد: بابا سائين، جيڪڏهن پيلي بتي، سائي بتيءَ کان پوءِ ٻري تہ پوءِ؟

پيءُ : پوءِ ان جو مطلب ٿيندو، تہ هاڻي ڳاڙهي بتي ٻَرندي، ان ڪري گاڏي ڍري ڪريو .

واجد: بابا سائين، سائي بتيءَ جو مطلب ڇا آهي؟

پيءُ : سائي بتيءَ جو مطلب آهي، تہ هاڻي گاڏي هلائي وڃي .

واجد: بابا سائين، توهان جي وڏي مهرباني .توهان ڏاڍيون ڪم جون ڳالهيون ٻُڌايون .

# مشق

### ١- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) سگنل ۾ ڪهڙي رنگ جون بتيون هونديون آهن؟

(ب) ڳاڙهي بتي ڇا جو اشارو آهي؟

(ج) سائي بتي ڇا جو اشارو آهي؟

(د) پيلي بتي ڇا جو اشارو آهي؟

### ٢- هيٺيان لفظ پڙهو ۽ لکو:

ٽرئفڪ - پيلي - سائي - رستي - مطلب - مهرباني

### ٣- لفظ ڏيان سان ٻڌو ۽ هيٺ ڏنل لفظن کي پدن ۾ ٽوڙي ٻڌايو:

اشارا - بابا - اَخبار - بَتِي - ڳاڙهِي - عَمَلُ

### ٤- هن سبق ۾ ڏنل بتين جي رنگن وارن نالن کان سواءِ اوهان کي بين رنگن جا جيڪي نالا اچن ٿا، اُهي لکو:

مفت ورهاست لاءِ


## سَبَقُ پنجويهون

# شِينهُن ۽ ڪُئو

## (تصويري آکاڻي)

### سکيا جي حاصلات

- واقعي يا آکاڻيءَ کي ٻڌي ۽ مقصد سمجهي سگهي.
- تصويري آکاڻيءَ ۾ موجود ڪردارن ۽ شين بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جي آکاڻي يا نظم ٻڌائي سگهي.
- ڪنهن تصوير کي ڏسي ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- لطيفا ٻڌي، سمجهي ٻين کي ٻڌائي سگهي.
- آکاڻي ٻڌي ان مان مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- آکاڻيءَ ۾ ڪردارن بابت ٻڌي، انهن کي سُڃاڻي سگهي.
- آکاڻي پڙهي يا ٻڌي سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.




**استاد لاءِ هدايت:**
- ٻارن کي تصويرن موجب آکاڻي سمجهائي ۽ ٻڌائي.
- آکاڻي شروع ٿيڻ کان اڳ، دوران ۽ پوءِ، ٻارن کان تصويرن ۽ عنوان بابت سوال پُڇي.

# مشق

١- تصويرون ڏسي آکاڻي ٻڌايو:

٢- هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هن تصويري آکاڻيءَ ۾ ڪهڙا جانورَ آهن؟

(ب) شِينهن جا ۾ ڦاٿو؟

(ج) شِينهن جي مَددَ ڪَنهن ڪَئي؟

(د) ڪُئي، شِينهن کي ڪيئن ڇڏايو؟


(هـ) اسان کي هن آکاڻيءَ مان ڪهڙو سبق ملي ٿو؟


٣- ڏنل لفظ پڙهو ۽ جملن ۾ استعمال ڪريو:

| | |
|---|---|
| جَهنگُ | |
| شِينهُن | |
| ڪُئو | |
| ڄارُ | |
| ڪُترڻ | |

٤- پنهنجي پسند جي آکاڻي يا لطيفو ٻڌايو.

٥- تصويرن ۾ رنگ ڀري نالا لکو:





٦- اُستاد ٻارن کي آکاڻي ٻُڌائي ۽ ان بابت سوالن جا جواب لکرائي.

مفت ورهاست لاءِ

## سَبَقُ چويهون

### سکيا جي حاصلات

- شعر يا نظم کي درست اچار سان تحت اللفظ پڙهي سگهي.

# دُعا



خُدايا اِهاءِ

دعا تو گهُران.

سَنئين واٽَ تيءِ

سَدائين هَلان.

اَبو ۽ اَمانءِ

سُکيا شل رکان.

اَگهو کِينَ ٿِيانءِ

سَگهو شَلَ رَهان.

وَطنَ ساڻ مانءِ

مُحبت ڪَريان.

پَڙهان ۽ لِکانءِ

هُنر پِڻ سِکان.

امداد حسيني-

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **آ ا** | |
| آباد | خُوشِحال |
| آخري | پڇاڙي وارو |
| آگ | راند جو وارو |
| اُڀ | آسمان |
| اُپت | پيداوار-ڪمائي |
| ادبُ | عِزت - مانُ |
| اڏڻ | ٺاهڻ- جوڙڻ |
| الله واهي | خُدا حافظ |
| اگهو | بيمار |
| اوبر | جونو |
| **ب** | |
| باتِ | ڳالهه |
| بَتايو | ٻُڌايو |
| **ٻ** | |
| ٻاجهارو | مهربان - رَحم وارو |
| ٻولڻُ | آواز ڪَرڻ |
| **ڀ** | |
| ڀاڳُ | نَصيب |
| **ٿ** | |
| ٿاٽي | وَقت - مَهل |
| ٿمٿار | ڀر يل |
| ٿِمڪائي | چِمڪائي |
| **پ** | |
| پارِ | هُن پاسي - ٻئي پَرِ |
| پَتِ | اَعتبار |
| پِرايو | حاصل ڪَيو - سِکيو |
| پَرڙا | ڪَنڀَ |
| پِڙ | ميدان |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پَسائي | ڏيکاري |
| پَهرائي | پارائي |
| **ج** | |
| جُڙنِ | ٺَهنِ - تيار ٿِين |
| جوتِ | روشني |
| جوڙيا | ٺاهيا - بَنايا |
| **جه** | |
| جهجهو | گهڻو |
| **ڇ** | |
| ڇُست | ڦُڙت - چالاڪ |
| **ح** | |
| حاڪِم | بادِشاهه |
| حَڪيم | ڏاهو - سِياڻو |
| **خ** | |
| خوار | بَدنام |
| خُوب | تمام گهڻو |
| **د ڏ** | |
| دَفَن | قَبَرَ حوالي ڪرڻ - پُورڻ |
| ڏَس | خَبر - پَتو |
| **ز** | |
| زِيانُ | نُقصان |
| **س** | |
| سانجِهي | سِج لَٿي |
| سَدائِين | هميشه |
| سَڳورو | ڀَلارو |

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سَگهه | طاقَتَ |
| سُلَڇڻا | سُنئين عادَتُن وارا |
| سُندر | وَڻندَڙَ |
| سَنئين | سِڌي |
| سواد | ذائقو |
| **ش** | |
| شفاف | صاف-چٽو |
| **ص** | |
| صُورَتَ | شِڪلِ |
| **ض** | |
| ضَرُورَتَ | گهُرجَ - کَپ |
| **ع** | |
| عِبادت | پُوڄا |
| عَرش | آسمان - اُڀ |
| **ف** | |
| فَرمايو | چَيو |
| فطرت | مزاج |
| فقط | پورو-صرف |
| **ڪ** | |
| ڪُتنب | گهَرياتِي |
| **ک** | |
| کَڏون کوبا | کَڙٻَڙ - هيٺ مَٿاهِين |
| **ڳ** | |
| ڳولڻ | جاچڻ |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **ل** | |
| لِڱَ | عُضوا |
| **م** | |
| مادرِ مِلتَ | مادر=ماءُ، ملت=قوم (قومَ جي ماءُ) |
| مَاٽڻُ | حاصُل ڪَرڻ |
| مِنيون | وَڻندڙ - سُنيون |
| مَجبُور | لاچار |
| مِحنتَ | پورهيو |
| مَريض | بيمار - اَگهو |
| مَعذُور | جَڏو |
| مَن | دِلِ |
| مُنجهي | ٻُلِجي |
| موچارو | سُهڻو- سُٺو |
| مُهڻو | وَڻندڙ- پَسند اِيندڙ |
| **ن** | |
| نِت | سَدائِين |
| نِيارو | ڌارَ - جُدا - الڳ |
| نِيلو | آسمانِي - نِيرو |
| **و** | |
| واٽَ | گَسُ - رَسِتو |
| واٽهڙو | مُسافر |
| وِسري | ٻُلِجي |
| وَطنُ | مُلڪ - ديس |
| وِيرُ | بَهادُر - سُورهيہ |
| **ه** | |
| هَٿُ وَنڊائڻ | مَددَ ڪَرڻ |
| هوشِيار | ڏاهو- عَقُلَ وارو- سِياڻو |

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو تيار ڪرايل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر NO: SO (G-III) SELD/3-910/18, Dated: 30.01.2020 موجب سنڌ صوبي جي سڀني پرائمري اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولر اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو چڪاسيل.

# قومي ترانو

پاڪ سرزمين شاد باد ڪِشورِ حَسِين شاد باد
تو نشانِ عزمِ عالي شان اَرضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد باد

پاڪ سرزمين ڪا نظام قوّتِ اُخُوّتِ عوام
قوم، مُلڪ، سلطنت پائنده تابِنده باد
شاد باد منزلِ مُراد

پرچمِ ستاره و هلال رهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال جانِ اِستقبال
سايۂِ خدائي ذوالجلال



| سلسليوار نمبر | | | |
|---|---|---|---|
| ڇپجڻ جو مهينو ۽ سال | ڇاپو | تعداد | قيمت |
| | | | مفت |